

گگن گونگو ٻڌائي چا
شاعري
غلام نبي گل

# ڳڳن ڳونگو ٻڌائي چا

(شاعري)

## غلام نبي گل

## وجاهت پبليڪيشن لاڙڪاڻو

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

©  وجاهت پبليڪيشن، لاڙڪاڻو- 2013ع
ڪتاب: گگن گونگو ٻڌائي چا
ليکڪ: غلام نبي گل
موضوع: **شاعري**
پهريون ڇاپو: 2013
**ڪمپوزنگ: شهمير سومرو**
ڇپائيندڙ: **وجاهت پبليڪيشن، لاڙڪاڻو**
**قيمت:** 150 رپيا

استاڪسٽ:

* مهراڻ ڪتاب گهر، ويجهو گهنٽي ڦاٽڪ، لاڙڪاڻو * رابيل ڪتاب گهر، اسٽيشن روڊ، لاڙڪاڻو * اتنيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد * سنڌيڪا بوڪ شاپ، حيدر چوڪ،حيدرآباد * سنڌ بڪ ڪلب، مريم روڊ، نواب شاهه * الفقراء ڪتاب گهر، سانگهڙ * فرخ ڪتاب گهر سکر * نويد سراج بڪ اسٽور،قنبر * ڪامريڊ بڪ اسٽال، ڄامشورو.

**رابطي لاءِ:**

**Book Name: GAGAN GONGO BUDHAI CHA (Poetry)**
**Written by: GHULAM NABI GUL**
**1st Edition: 2013**
**Composing: SHAHMIR SOOMRO**
**Published by: Wajaht Publication, Larkano**
**Price/copy: Rs. 150**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”**گگن گونگو ٻڌائي ٿو**“ اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ناميارو شاعر **غلام نبي گل** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

غلام نبي گل ڪيئي ورهه پاڻ ۾ پيهي شاعريءَ سان نينهن نڀايو آهي ۽ غزل جهڙي روايت پسند صنف مان اُهو ڪم ورتو آهي، جيڪو اسان جي ادبي تاريخ ۾ وڏي عرصي تائين ياد رکيو ويندو. غلام نبي گل زندگي جي سفاڪ حقيقتن سان اکيون اکين ۾ ملائي ڏسي ٿو پنهنجي تخليقي شعور جو برملا اظهار ٿو ڪري ۽ پنهنجي دؤر جي سياسي ستم ظريفي ۽ نڪمي پڻ کي وائکو ٿو ڪري. هُو لمحي ۾ جيئڻ وارو شاعر آهي. غافل ناهي وقت جي جبر کان، زندگيءَ جي لطافتن ۽ حسناڪين کان.

هي ڪتاب **وجاهت پبليڪيشن، لاڙڪاڻو** پاران 2013ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري شهمير سومري جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

## اداري پاران

محترم غلام نبي گل جو ”گگن گونگو ٻڌائي چا“ ويهون ڪتاب آهي. گگن گونگو ٻڌائي نه ٿو مگر اوهان پڙهندڙ پڙهي پنهنجي راءِ ڏيندا ته اوهان کي ڪيئن لڳو. راءِ ۾ ڪا به رعايت يا روايت نه هجي. اوهان جي اهڙي راءِ ليکڪ لاءِ اتساهه ڏياريندڙ آهي. اميد آهي ته محترم غلام نبي گل جي ٻين ڪتابن وانگر هن ڪتاب کي به پڙهندڙن کان پذيرائي ملندي، اوهان جي راءِ جو منتظر.

وجاهت پرڙو

(مهاڳ)

# آسفر جي نظر مسافرِ ۾

دنيا جي عظيم ڪهاڻيڪار ڪافڪا جو هم وطن رائٽر ماريارلڪي هڪ اهڙو شاعر هو جنهن جي شاعريءَ ۾ معاشرتي ڪرب ۽ جبر جو شديد احساس ملي ٿو. هُن پنهنجي هڪ خط ۾ ڪنهن نو آموز شاعر کي لکيو هو ”ڪوئي توهان کي صحيح صلاح نہ ٿو ڏئي سگهي، ڪوئي توهان جي مدد نہ ٿو ڪري سگهي، صرف هڪ رستو آهي، پاڻ ۾ پيهي پنهنجي اندر سان روح رهاڻ ڪريو. اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪريو تہ ڪهڙي شيءِ توهان کي لکڻ لاءِ اتساهي ٿي، اهو ڄاڻو تہ ڪنهن احساس توهان جي اندر ۾ پنهنجون جڙون پکيڙي ڇڏيون آهن يا نہ.

توهان ايمانداري سان پاڻ کان سوال ڪريو تہ جيڪڏهن توهان کي اُهو سڀ ڪجهہ لکڻ نہ ڏنو وڃي ها تہ توهان ائين ئي زندهہ رهو ها؟

۽ سڀ کان اهم ڳالهہ تہ رات جي خاموش ترين لمحن ۾ پنهنجو پاڻ کان اهو سوال ڪيو تہ ڇا منهنجي لاءِ لکڻ ناگزير آهي.

سنجيده جواب جي لاءِ پنهنجي دل جي گهرائين ۾ لهي وڃو ۽ جيڪڏهن جواب هاڪار ۾ هجي تہ مون کي لکڻ گهرجي. پوءِ توهان جي زندگيءَ جي معمولي ۽ غير اهم لمحن ۾ بہ ان ضرورت جو عڪس هجي. سڀ کان پهريان انسان جيان هي چوڻ جي ڪوشش ڪريو تہ ڇا ڏٺم، ڇا محسوس ڪيم، ڇا چاهيم ۽ ڇا وڃايم“

ائين سوچڻ پنهنجي اندر تخليق جو ٻج ڦٽندي محسوس ڪرڻ آهي. اِهو ئي زندگيءَ جو نزديڪ تر احساس آهي. اِها ئي شاعري آهي. شاعري زندگي جو سهارو آهي.

جيڪڏهن ڳالهه شاعريءَ جي آهي تہ ان کان وڌيڪ چا ٿو چئي سگهجي غلام نبي گل ڪيئي ورهہ پاڻ ۾ پيهي شاعريءَ سان نينهن نڀايو آهي ۽ غزل جهڙي روايت پسند صنف مان اُهو ڪم ورتو آهي، جيڪو اسان جي ادبي تاريخ ۾ وڏي عرصي تائين ياد رکيو ويندو.

محدود شعري لسانيات کان مانوس اسان جو ادبي ماحول زندگيءَ جي گونا گونيت، رنگيني ۽ هم عصر معاشرتي، معاشي ۽ نفسياتي عوامل سان پنهنجي شعر ذريعي مُنهان مُنهن ٿيڻ يا زندگيءَ کي حقيقت پسنديءَ جي اک سان ڏسڻ بدران جناتي قسم جي خيال آرائي، ٿُڪ بندي ۽ بي روح شعرن جي پر مار تي انحصار وڌيڪ ٿو ڪري. ان جي بر عڪس غلام نبي گل جديد سنڌي شاعري جو (Ground Breaking) شاعر آهي. هن فارسي آميز تغزل کان اڳتي نڪري جديد لب و لهجي ۾ نهايت درد منديءَ سان غزل جي (Craftness) ٿو ڪري.

نگاهن مان ڪيئي ويا رنگ گذري،
ڏنو تو ڏي رڳو گل، پل هڪڙو.

پنهنجي هن زندگيءَ کي چا ڪريان،
پاڻ سڌري نہ ئي سڌاري ٿي.

ڪلاسيڪي غزل جي شعريات جن تصورن تي قائم آهي، سي هينئر بہ غزل سان گڏوگڏ هلن ٿا. ٿلهي ليکي انهن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي هڪ جي نوعيت علمياتي

(Epistemological) آهي، ”يعني ڪنهن شعر مان اسان ڪي حاصل ٿا ٿو ٿئي“ ۽ ٻئي جي نوعيت وجودياتي (Ontological) آهي. ”يعني شعر جو وجود بحر وزن يا قافيي وغيره تي قائم هجڻ“.

غلام نبي جي هنن غزلن ۾ ڪلاسيڪي شعريات، غزل جي ڀرپور ماحول ۽ منفرد اسلوب سان سامهون اچي ٿي. هِن جي شعرن ۾ شاعريءَ جي مروج اظهار جو تصنع نه آهي.

وطن پنهنجي ڪان بي وطن ڪيئن ٿجي،
هجر ڪان سوين بار هجرت ڏڪي.

هونئن بظاهر ڪنهن به ڳالهايو نه پئي،
چپ چپ گل هئي لڳي چؤ ٻول جان.

ٿي ويا ذار دور هڪ هڪ ٿي،
سڪ هاٽي لڳي سمورن جي.

سيڪ آيو نه پاڙيوارن کي،
منهنجي اندر آ آڳ ڪورن جي.

هڪ شاعر جي لاءِ سڀ ڪان اهم ڳالهه اها آهي ته جنهن دؤر ۾ هُو جيئي پيو ان دؤر جي سياسي ۽ سماجي، معاشي ۽ معاشرتي لاڙن جو ادراڪ رکي.

غلام نبي گل زندگي جي سفاڪ حقيقتن سان اکيون اکين ۾ ملائي ڏسي ٿو پنهنجي تخليقي شعور جو برملا

اظهار ٿو ڪري ۽ پنهنجي دؤر جي سياسي ستم ظريفي ۽ نڪمي پڻ کي وائکو ٿو ڪري.

مليو ڪپڙو نہ روٽي ۽ نہ ڪوگهر،
سوين پيرا ٿيو اعلان آهي.

هُو لمحي ۾ جيئڻ وارو شاعر آهي. غافل ناهي وقت جي جبر کان، زندگيءَ جي لطافتن ۽ حسناڪين کان.

عُمر جي جنهن حصي ۾ هو آهي ان ۾ ڪوئي بہ فرد وقت جا ڪٺايل بَار پنهنجي مٿي تان لاهي واپس وقت کي موٽائي ڏيڻ لاءِ تيار هوندو.

موجوده حالت ۾ اڄ اسان زندگيءَ جي هر شعبي ۾ زوال آماده آهيون غلام نبي گل وٽ اِن زوال جو سفاڪانہ ادراڪ آهي، هُو معاشرتي بگاڙ ۽ منافقانہ طرزِ زندگيءَ ڏانهن مائل ماڻهن کي هڪ درد مند دل سان ڏسي ٿو ۽ هلڪي حزنيہ انداز ۾ سماجي حقيقت پسنديءَ جو تخليقي جهان جوڙي ٿو.

چنڊ ايکهين جو ائين اڏ گول جان.
تنهنجي اڻ پوري ڪيل ڪنهن قول جان.

چو اجا تيار ئي ٿيو ناهي،
آ سفر جي نظر مسافر ۾.

خدا کي خط ڪٽي لکجي،
مگر ڪنهن کان پتو پڇجي.

هيءَ زندگيءَ ڏانهن وني ويندڙ شاعري آهي. وقت جي سفاڪين ۽ رعنائين سان متعارف ڪرائيندڙ شاعري آهي. جنهن جي تخليقي تازگي پڙهندڙ جي دل ڇُهي وني ٿي، پنهنجي بيساختگيءَ ۽ درد منديءَ سميت.

پيار سان پرپور اکيون.
مڌ ۾ مخمور اکيون.

اکين مان ٿي من ۾ اتريون،
من ڪيون منظور اکيون.
يا
وجود جي ڪرب سميت،
تو چو اوندھ ۾ آھ اڇلايو.
منهنجو مون کان جدا ڪيو سايو.

## احمد آزاد

# رهڻ گمنام ٿو چاهي،
# لائين چاهي ٿو مشهوري.

هي شعر مان ائين ئي لکيو هو، ڪنهن خاص، عام ڏانهن اشارتن ڪو نہ لکيو هو، مون کي اها خبر نہ هئي تہ وقت گذرڻ سان اڳتي هلي هي شعر منهنجي زندگيءَ جي عڪاسي ڪندو، هي شعر منهنجي شاعريءَ جي ڪتاب ”آئينو چپ آ“ ۾ آهي. ”آئينو چپ آ“ 1995 ۾ ڇپيو هو، ان وقت تائين مان ادبي سنگت سان ڳانڍاپيل هيس.

وقت ڪنهن جو انتظار نہ ڪندو آهي، نہ ئي وقت جو ڪو ڀروسو آهي تہ ڪنهن جو وقت پاسو ٿو ورائي. ان ئي سال حالتن اهڙو رخ اختيار ڪيو، منهنجو ادبي سنگت سان ڳانڍاپيل رشتو ٽٽي ويو ڪنهن بہ ادبي سنگت جي گڏجاڻي، ميٽنگ ۾ شرڪت ڪان پاسيرو رهيس، ان جا ڪي اڻ ٿر سبب پيدا ٿي پيا، ڪجهہ صحت صحتمند نہ رهي، ڪجهہ يارن جا روّيا، بہ اڪيائي، حلقا بندي، اڻ سهندي، خواهشن کي خبرن طور استعمال ڪرڻ، پنهنجي ادبي قد ڪاٺ جي ڀيٽ ۾ ٻئي جي قد ڪاٺ کي ٻونو سمجهڻ، مان پاڻ کي انهن رعايتن، روايتن سان سهمت ڪري نہ سگهيس، ائين سمجهو تہ مان اڻ سڌي طرح گمنامي اختيار ڪئي، اردو جي هن مصرع وانگر ”بدنام جو هوگي تو ڪيا نام نہ هوگا“ مان ائين چئي گمنام

جو هوگي تو ڪيا نام نہ هوگا پاڻ کي مطمئن ڪري ڇڏيو، گمناميءَ ۾ لکڻ جي رفتار اڳي کان وڌي وئي. 1995 تائين شاعري جا ٽي ڪتاب منظر عام تي آيا هئا، 2010 تائين ڪتابن جو انگ عدد ارڙهن "18" تائين پهتو ان ۾ نہ رڳو شاعري، ڪهاڻيون، ناول هڪ اردوءِ ۾ شاعري جو ڪتاب ٻيو اردوءِ ۾ ناول شامل هئا.

منهنجن ڪتابن کي منهنجي سوچ کان وڌيڪ پزيرائي ملي. گمناميءَ مون کي ڪراچيءَ کان اسلام آباد تائين مشهور ۽ معتبر ڪري ڇڏيو. ڪراچي اڪيڊمي آف ليٽرس کان مجتا ايوارڊ "شيلڊ" مليو.

محبت برڙو اڪيڊمي قنبر کان شيلڊ ۽ لاڙڪاڻي "سنڌو" ايوارڊ سان نوازيو. ان کان علاوہ لاهور کان ياسر جواد صاحب جو موبائيل تي مئسيج آيو تہ پنهنجي زندگيءَ جو مختصر خاڪو، تخليقي سفر جو ترتيب وار احوال موڪليو، جيئن اوهان جو ذڪر ۽ نالو انسائيڪلوپيڊيا ۾ شامل هجي، اسلام آباد اڪيڊمي ادبيات طرفان "خبر نامہ ميگزين" اچڻ شروع ٿي ويو. اسلام آباد کان ئي محترم طارق منظور طارق طرفان ليٽر آيو تہ پنهنجا ڪجهہ ڪتاب اردو سنڌي موڪلي ڏيو. سنڌ ثقافت کاتي کان ليٽر آيو، تہ پنهنجن ڪتابن جون ڪجهہ ڪاپيون 20 سيڪڙو رعايت سان سنڌ جي سيني لئبررين کي موڪلي ڏيو، مون کي گمنامي ڪٿي جو ڪٿي پهچائي ڇڏيو. مضمون جي عنواني شعر جي موٽ ۾ مون هي شعر لکيو،

پاڻ گمنام تو رهي، ليڪن،
گيت ان جا ڪٿي ڪٿي پهتا.

هن وقت شاعري جا ٻہ ڪتاب ڪمپوزنگ جي مرحلي مان گذري رهيا آهن، ڪتابن جو انگ ويهہ تي ويندو.لکڻ جاري آهي بند ناهي ٿيو منهنجي هن شعر وانگر،

اجا هِي ذهن اونداهو نہ ٿيو آ،
اجا گل ذات جو ڏيئو ٻري ٿو.

ڪراچي اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد اڪيڊمي آف ليٽرس کان علاوه انڊيا تائين منهنجن ڪتابن کي پزيرائي ملي.

انڊيا جي شاعر واسديو موهي جو تبصرو انڊيا جي ڪونج مئگزين ۾ شايع ٿيو، هتان جي شاعر رڪيل مورائي منهنجن غزلن تي مضمون لکيو جيڪو ڪونج مئگزين ۾ ڇپيو، انڊيا جي شاعر موتي رام کي منهنجو لکيل خط ڪونج مئگزين ۾ شايع ٿيو.

عمر جون اسي ”80“ بهارون، خزائون ڏسي چڪو آهيان ، ايڪاسيءَ ۾ هلان ٿو.

ڪجهہ وقت کان ڪا الجهن، ڪا اڻ پوري آس، اڌورو پن، وچايل وجود زندگيءَ کي اٿلائي پٿلائي تو ڇڏي، محسوس ڪيان ٿو، مگر سمجهي نہ ٿو سگهان تہ ائين ڇو آهي ؟.

اهڙي وقت، اهڙي حالت ۾ محترم عابد ڪاظمي جو اردو آزاد نظم گنگنائيندو آهيان، ائين لڳندو آهي تہ محترم عابد ڪاظمي منهنجي اندر ۾ جهاتي پائي لکيو آهي.
نظم جو عنوان آهي.

## جستجو

خالي گهر کي دروازي پر
اب بهي دستک بجتي هي
کبهي طاق وا نهين هوئي
کوئي آهٹ بڑهي نهين
کوئي آواز اٹهي نهين
کوئي چهره کهلا نهين
پهر وه بوڑها شخص
کس سي ملني جاتا هي؟

**غلام نبي گل**
لطيف ڪالوني رحمت پور لاڙڪاڻو.
موبائيل نمبر.033442785191

چندبِ ايڪهين جو ائين اڏ گول جان.
تنهنجي اڻ پوري ڪيل ڪنهن قول جان.

مول ڪنهن جو ڪيترو پيي ڪٿ ڪٽي،
دوست! ڪوئي پيي نہ آ انمول جان.

تنهنجي چاهت هئي امير ن جو انگل،
منهنجو من غربت جي ڦاٽل جهول جان.

سر ڏيڻ وارو هوندو ڪو راءِ ڏياچ،
ٻول ٻولي ڪوئي ٻيجل ٻول جان.

ديد وئي محروم رهجي ديد ڪان،
خالي خالي قيس جي ڪشڪول جان.

هونئن بظاهر ڪنهن بہ ڳالهايو نہ پئي،
چپ چپ گل هئي لڳي چؤ ٻول جان.

جا سزا سَهڻي نہ سَهڻي ٿي پوي.
درد جي دل ۾ ته رکڻي ٿي پوي.

زندگيءَ جي اصليت محسوس ٿئي،
ڪجهه اداڪاري به ڪرڻي ٿي پوي.

ڏينهن وٺندو روپ آ ڪيئن رات جو،
وقت کي پوشاڪ مٽڻي ٿي پوي.

موڙ ڳالهين ۾ اچي اهڙو ويو،
ڳالهه وسريل ياد ڪرڻي ٿي پوي.

راهه هُو ڪهڙي اچي، ڪهڙي خبر!
چونڪ تي هر راهه ڏسڻي ٿي پوي.

ضد ۾ ڪا راءِ آئي آ جڏهن،
آخر ان جي راءِ مڃڻي ٿي پوي.

دل کي گل دولاب ۾ رکڻو آ،
اکين جي عادت به مٽڻي ٿي پوي.

هر ڪوئي واقعو جاءِ پنهنجيءَ تي آ.
ڪوئي ڪرسي تي آ، ڪوئي ڦاسيءَ تي آ.

ويڇهڙائي تا چاهن، يا دوري گهرن،
فاصلو، فيصلو ٻن جي مرضيءَ تي آ.

تون اچين تو اها ڄاڻ پئي اٿس،
من تو اڇلون ڏئي موج مستيءَ تي آ.

چنڊ تائين تو پهچڻ جي ڪوشش ڪري،
آدميءَ جو اڃا پير ڌرتيءَ تي آ.

وارَ جو وارَ سان آ ڏيڻو جواب،
ڏوهه ڏيڻو نه ٽيڪي، يا ٽيڪيءَ تي آ.

سوچي تو ۽ نه سمجهي تو انسان گل!
حال جي ساري غفلت ڇو ماضيءَ تي آ!!

ياد وسري ويل نہ ساري ٿي.
خود کي ويسر بہ ڇڻ وساري ٿي.

پنهنجي هن زندگيءَ کي ڇا ڪريان!
پاڻ سڌري، نہ ئي سڌاري ٿي.

دوستي ٿي لڳي ڏکي ڏاڍي،
ٿي ڏتاري ۽ پوءِ ڏڪاري ٿي.

فرق پئجي ويو رفاقت ۾،
بد مزاجيءَ جي مار ماري ٿي..

سک جو سات چند گهڙين جو،
درد کي دل وري پڪاري ٿي.

ڳالهہ هن ڪئي عجيب لهجي ۾،
ريءَ جواني، جواني گهاري ٿي.

پڪ سکي! ان ۾ ايندو وڄارو،
ڏس هوءَ ڪشتي لنگر اتاري ٿي.

ساڻ خوشبوءِ خواب ۾ مرڪون،
گل نظر نينهن جي نهاري ٿي.

ڪم نہ تا ڪن حواس پنج هاڻي.
مان ڇهين حِس حوالي هنج هاڻي.

ڪوئي ورثو نہ ڪائي ملڪيت آ،
وِيهہ آهن ڪتاب گنج هاڻي.

سڀ ڪي راضي رکڻ تہ مشڪل آ،
رهجي ويا ڪيترن جا رنج هاڻي.

تيز گهوڙي جان ڊوڙي ڪاغذ تي،
سون جهڙا قلم ڪي سنج هاڻي.

هاءِ ڪورٽ نہ آ ادب جي ڪا،
نہ ئي انصاف وارا جج هاڻي.

ڏوهہ تنهنجا اجا لٿا ناهن،
سَوَ جي لڳ ڀڳ ڪيا تي حج هاڻي.

آئيني گل ڇڏيو آ منهن موڙي،
ڪيئن ڏسي منهن ۾ پيل گهنج هاڻي.

جڏهن ڪان تو مون ڪان ڇنو آ تعلق.
تڏهن ڪان رهان ٿو هوا ۾ معلق.

اڳيان تنهنجي ڪمزور آ پيار منهنجو،
ڇڪي ٿو وٺي لوهه کي چاهه چڪمق.

چرين ۽ سياڻن جو ساڳيو تناسب،
جئين تو ۽ مون ۾ ڪو هڪڙو آ احمق.

ٻڌايو سوال ان جو ڪنهن وٽ جواب آ،
ڪڏهن حق واري کي پنهنجو مليو حق!

سڄي ترقي مغرب جي حصي ۾ آئي،
اڃا تائين ترقي پذير آهي مشرق.

قيامت ڪان اڳ گل قيامت جا قصا،
قصو ليلا مجنون، قصو عذرا وامق.

نہ ڪا دولت نہ ڪا دنيا تہ گهرجي!
خبر مون کي بہ ناهي ڇا تہ گهرجي!

اجا محفوظ آ منهنجن اکين ۾،
پراڻي سپني جي ساڀيا تہ گهرجي.

اونداهي دل کي ها روشن ڪري وڃي،
اهي چنڊ ۽ اهي تارا تہ گهرجي.

مون کي پهچايو هو جن منزلن تي،
شهر ۾ گم ٿيل رستا تہ گهرجي.

سياري ۾ ڪناري سان هو وهندو،
اونهاري ۾ اهو دريا تہ گهرجي.

نہ تنهائي نہ محفل ۾ ملي ٿو،
مان پنهنجو پاڻ کي تنها تہ گهرجي.

ڇون ٿا خواب کو هوندو سچو آ،
چمن ۾ گل اهو صحرا تہ گهرجي.

هجي گهر ۾ ڪتراڱ حالت ڏکي.
تہ پوءِ ناهہ ان کان مسافت ڏکي.

وطن پنهنجي کان بي وطن ڪيئن ٿجي،
هجر کان سوين بار هجرت ڏکي.

اڱياڙي مزي ۾ ٿي گذري وڃي،
پڇاڙي نباهڻ محبت ڏکي.

نہ لاهي سگهان ۽ نہ ڳائي سگهان،
اها تنهنجي مون تي عنايت ڏکي.

نہ ناموس جهڙو مون ڪم آ ڪيو،
حڪايت کان هونئن پيي حقيقت ڏکي.

بظاهر تہ انسان، انسان آ،
مگر ان جي سمجهڻ آ فطرت ڏکي.

الائي چو گل آ ڳنڍيو پاڻ سان!
اها ان جي نالي سان نسبت ڏکي.

چنڊ چاڻ تي رهي آ.
ڪجهه ڄاڻ تي رهي آ.

منظر ۾ ۽ نظر ۾،
چڪتاڻ تي رهي آ.

خود ڪان هي بي خيالي،
چاڪاڻ تي رهي آ.

چت تي آ چنڊ، چهرو!
چانڊاڻ تي رهي آ.

هر شهر رت ۾ ڳاڙهو،
رت چاڻ تي رهي آ.

جيئن شام لام لاڙي،
لالاڻ تي رهي آ.

گل تنهنجي هر سخن ۾،
سرهاڻ تي رهي آ.

صنم آ، يا خدا آهي،
نہ پڇ مون کان تہ ڇا آهي.

اجا آ کيس ڪورٽ ۾،
اجا آڌي پڇا آهي.

نہ پتر تي پني ڏئي وڃ،
ڪئي لڙڪن صدا آهي.

ٻنهي جي جاءِ هڪ دل ۾،
وفا آ، يا جفا آهي.

ڇيو جيئن تو، ڪيو تيئن مون،
اجا مون کان گلا آهي.

ڏئي وئين انتظار ايڏو،
قيامت جي سزا آهي.

لڳي دل ۾ نہ دلچسپي،
ڪچهري تو سوا آهي.

جا گل جي آهہ خاموشي،
سا گونگي التجا آهي.

رقص ۾ هر وقت هوندو آجنون.
جيئن ڪندو گردش بدن ۾ آهه خون.

شاعري، مصوري يا بت گري،
پنهنجي آ لائين تي هر ڪو فنون.

موج گرميءَ ۾ تہ آ مشهور مئي،
سج نيزي پاند پر لڳندو آ جون.

پير ننگا، صحرا جي واري تتل،
عشق جو نالو ٻيو آهي جنون.

هيءَ اسان جي سوچ آ جاڏي وڃي،
لفظ بهتر يا برو ناهي شگون.

سمنڊ ساحل يا چمن يا راڳ رنگ،
گل اتي، جاتي ملي من کي سڪون.

ڏنو اڪثر اکين تنهنجن ۾ الڪو.
ٻڌائين پيو نہ تو الڪو آ ڇا جو!

اياڳي مان سياڳو آ ويو تي،
خبر ناهي ڪٿان جو ڀاڳ ڦاٿو.

اندر ۾ اڻ سڻا ناهڻ جو ماهر،
۽ ٻاهر ڏس تہ پتلو سادگيءَ جو.

چاندوڪي چنڊ جي پوشاڪ آهي،
اماوس ۾ تہ چنڊ هوندو اگهاڙو.

سبب آ، يا رکيل ڪو راز ان ۾،
ڇو تنهنجي اڄ نہ محفل ۾ هُو آيو.

تصور ۾ رکيا تو هٿ اکين تي،
تصور ۾ اکين هو ڇرڪ پريو.

ڏسي آئيني کي حيرت وئي وني،
هو تنهنجي چهري ۾ منهنجو بہ چهرو.

نگاهن مان ڪيئي ويا رنگ گذري،
ڏنو تو ڏي رڳو گل پل هڪڙو.

ڪنهن کي سڌ ناهي پنهنجي سورن جي.
خواب رهجي ويل اڌورن جي.

خرچ ٿي سُود ويو ٿوابن ۾،
ميڙ باقي بچي آ مُورن جي.

ٿي ويا ڌار دور هڪ هڪ ٿي،
سڪ هاڻي لڳي سمورن جي.

ايترو ئي آ حق ڪارن جو،
ڌرتي ماتا نہ آهہ پورن جي.

سيڪ آيو نہ پاڙيوارن کي،
منهنجي اندر آ آڳ ڪورن جي.

ٻيو تہ ڪجهہ پيي رهيو نہ گل تو وٽ،
صرف خوشبو رهي آ پورن جي.

لا علاج آ لڳي ڪا بيماري،
مبتلا ان ۾ آ دنيا ساري.

جوڙ توڙ جاري آ سياست جو،
وچ ۾ پوڳي تي خلق ويچاري.

ڪيل اڪ ٻوٽ تو هلي ڪوئي،
چور جو ساڌ پيي آ ساتاري.

جسم ڪائي تو خواب اڪين جا،
روح ساپيا جي تو پيئي واري.

زندگي ڳار آ وئي ٻڻجي،
شڪ ۾ تي وجي متان ڪاري.

هر ڪو پنهنجو مفاد تو ماپي،
چو ٻين لاءِ ڪري متو ماري.

سارو مهڪيل رکيو آ گهر آڱر،
تو سان گل جڏهن ڪان تي آ ياري.

تو بہ ڳالھايو، مان بہ ڳالھايان.
پنھنجو مؤقف مان تو کي سمجھايان.

گھر کان نڪتس تہ ان ڪري نڪتس،
وقت ڪجھہ دل کي ڪاڻي بھلايان.

خوش رھي جاتي پيي خوشي آھي،
غم ھلي آءُ تو کي ڳل لايان.

تنھنجي فرمائش اڪين تي آ مون کي،
بي سُري سُر ۾ ڪيئن غزل ڳايان.

ويس بدلائي مان اڇان توڏي،
پنھنجي چھري کي ڪيئن بدلايان.

پونءِ مٿيءَ مان جي ٻٽيا بوتا،
پاڻ کان وڌ انھن کي ٿو پيانيان.

جيڪي دل سان نہ ٿا مڃين مون کي،
تن کي زوري مان ڪيئن مڃرايان.

جيڪي گل ٿا گلن کي ساراھن،
ڇو نہ تن جي سخن کي ساراھيان.

قرب آ دل ۾ ڪنيو ڪَرُ.
چڙهَ تہ چولي چولي ساگر.

دل جو دروازو ڪليل آ،
بند آ اوطاق جو در.

مون ڪي اوسيئڙي ۾ ڏسندين،
بند در ڪڙڪاءِ هيڪر.

ڪنهن ڪي آسائش ملي آ،
گهر تہ بس نالي ۾ آ گهر.

روز ٿو توکي وهنجاري،
چا تہ بخاور آ شاور.

آ ٻين جي جر جو ڳيجهو،
سمنڊ ڪي پنهنجو نہ آ جر.

گل گهڻا شاعر ويا ٿي،
هڪڙو گل تون ناهين شاعر.

سچائي ڪچائي اکر هڪ جو ڦيرو،
ائين آ جئين آ سويرو اويرو.

اهو ٻيو سبق آ ٻيو آ فهم ڪو،
نہ صابڻ سان ٿيندو صفا من ميرو.

دليلن جي ديوار هڪ چا ڪري پئي،
رهي ٿو گمانن جو چؤگرد گهيرو.

پڪي مند مسافر هت آيا ويا پي،
نہ پاڙي متي ڪنهن پکيءَ جو آ پيرو،

آ ڪيڏو نہ حرص ۽ هوس ۾ آ ڦاٿو،
هجان مان متيرو اجا پي متيرو.

اچي ياد مون کي اهو ٿو زمانو،
ملڻ ۾ نہ ويرم هئي ۽ نہ ويرو.

جدائي جي صحرا ۾ پي ساٿ ساٿي،
پڳو گل نہ آ خواب_خوشبوءِ پيرو.

دل جي دروازي تي دستڪ پيار جي،
ٿو ٻڌان سيني ۾ ڌڪ ڌڪ پيار جي.

عشق جا ۽ حسن جا قصا سوين،
هر قصي ۾ هوندي شِڪ هڪ پيار جي.

تو گهڙي تحفي ۾ جيڪا موڪلي،
هر سيڪنڊ ان ۾ آ ٽڪ ٽڪ پيار جي.

پيار ماپي ماڻ ڪان آهي مٽي،
تور ٿيندي آ نہ ڪا تڪ پيار جي.

واعدو ڪوڙو قسم تي تو سگهي،
دل سان دل ڏيندي آ گل پڪ پيار جي.

شعور کان ڪجھ مواد ورتو.
آ پوءِ شعرن سواد ورتو.

قصي ۾ ڪيئي ها لفظ شامل،
پسند جو هڪ لفظ شاد ورتو.

سڏائي منهنجي ۽ سادگي سان،
گهڻن آ يارن مفاد ورتو.

جڏهن کان نامهربان تون ٿئين،
آ دل کي بي مهر ياد ورتو.

امن، محبت ۽ ايڪي عيوض،
شهر آ فتنو فساد ورتو.

حقيقي مجتا کي داد گهرجي،
خوشامندي گل نہ داد ورتو.

هي گلشن دل جو اجڙيو آهہ اهڙو.
بهارن پيي نہ پلجي ليئو پاتو.

بنا مقصد اڏامن تا خلا ۾،
خيالن کي نہ چڏ چڙواڳ ايڏو.

وفا جو واعدو تنهنجو زباني،
انهيءَ سان خال وچ جو کيئن پربو.

چوان ٿو سچ خبر جيڪا آ مون کي،
قيامت دڙکي سان گڏ آ دلاسو.

بنا اطلاع اچي ٿي ۽ وڃي ٿي،
ڪونهي انهي بجليءَ جو پيي پروسو ڪو.

گهٽي ٿوري تي پنهنجا نيڻ برسيا،
اهو هڪ وقت هو گذري ويو جو.

پڇيو آ غمزده دل درد مان گل،
پرينءَ جي پار جو ڪوئي سنديسو.

هو ٻه ايڏو ئي ضدي آ.
هوڏ جي جڻ ڪا هڏي آ.

سپ وڪڙ ۾ موڙ اڪ ۾،
سڙڪ هونئن سولي سڌي آ.

جانعالم جو آ طوطو،
ڳالهه مالڪ جي رٽي آ.

آ اونده جو پوش پاتل،
رات هر ڪائي ننگي آ.

دل لڳي، دل جي لڳي ۾،
لفظ هڪڙي جي وٿي آ.

چغل تي بينو آ چهرو،
خلق آخر چو ڪلي آ!

جيسين گل ڪولي نه پڙهجي،
هر چٽي جڻ بند مُني آ.

دنيا جي نقشي کي کولي،
ڏسجي پنهنجو پاڻ کي ڳولي.

ڪوئي شعر ائين آ لڳندو،
جئين گونگو ڪو گونگي ٻولي.

جو ڪجهه گذريو، سو ويو گذري،
ڪير ٿو جيون ڦورو ڦولي.

ڪچ جي قيمت ڪهڙي ڪٿجي،
سونُ آ ترندو ماسي تولي.

خيال ۾ وينل گم سم ماڻهو،
جڻ تہ چڙهيل آ اڏند ڪٿولي.

اڌ ننگي جڻ گار آ غربت،
ٻار ڍڪيل آ ڦاٽل چولي.

خوف جو سايو گهر گهر آ گل،
شل نہ چڙهي ڪو ور ڪنهن ٽولي.

گفتگو مان تنهنجو پرجي ويو آ من.
تي ٻڌائي تنهنجي لهجي جي ٽڪن.

چين جي ديوار آ روڪي رکي،
چو نہ تي آخر کهلي پورب پَون.

تا لنوايون، يا نہ تا سمجهي سگهون،
لفظ چپ چپ ۾ گهٽو ڪجهہ تا چون.

ياد گيرن جي جهروڪن ۾ ليئو،
اڄ بہ اکيون راھ تنهنجي ٿيون تڪن.

تنهنجي ڪنهن خاطر خوشي، يا پنهنجي غم،
تون ٻڌاءِ ڪنهن جو ملهايان مان جشن،

خالي نالي جي سڄاڻپ تي ٽئي،
گڻ اوگڻ پوئتي رهجي وجن.

ڏينهن اڻ واقف ۽ اڻ ڄاڻ آ،
رات رُت ۾ جيڪي گل تا رنگ رچن.

ڏنو ناهي اهو ارمان آهي.
هتي هر رات شبستان آهي.

اويڙو عشق اندر ۾ انگوريو،
ڪٿي ان جو نہ ڪو درمان آهي.

اشارو اڻ لکو مليو آ اوڏانهن،
ملڻ جو ڪجھ نہ ڪجھ امڪان آهي.

ستل جاڳيو نہ آهي ورھيہ تي ويا،
اندر انسان ٻيو انسان آهي.

ائين سمجھي ٿو هُو گھر ۾ بہ رھندي،
جئين ”پي اِنگ“ ڪو مهمان آهي.

مليو ڪپڙو نہ روٽي ۽ نہ ڪوگھر،
سوين پيرا ٿيو اعلان آهي.

ٻين ڪان منھنجي باري ۾ پڇو ٿا،
اوهان جو هي بہ گل احسان آهي.

كلهن تي آ جنازو چاهتن جو.
اهو بس آ خلاصو چاهتن جو.

نہ ڪر في الحال ڳالهيون چاهہ نئين جون،
اجا آ گهاءُ تازو چاهتن جو.

تو ڪان وسريو بہ ڪيئن هوندو، اسان جي،
زماني ۾ هو چرچو چاهتن جو.

ڪڏهن پارڪ ڪڏهن ڪو موڙ مڙندي،
نظر آيو نظارو چاهتن جو.

پري بازار يا ڪنهن چؤنڪ وچ تي،
ڏٺو ٽيندي تماشو چاهتن جو.

ڪٽي ڪيڏو بہ اکين اوٽ رکجي،
لڪي سگهندو نہ چهرو چاهتن جو.

نظر ماضيءَ ۾ وجهجهي تي جڏهن گل،
حقيقت هو فسانو چاهتن جو.

اک ۾ ان جي ڪي مئڪدا آهن.
ڏسندي سان ئي چڙهيا نشا آهن.

تنهنجي هٿ ۾ تہ هڪڙو پٿر آ،
شيشي جا گهر هتي گهڻا آهن.

ڪير ڪنهن جي غلامي چاهيندو،
هٿ تہ ڳڻ ڪيترا اُڀا آهن.

راهہ اوکي هئي پري منزل،
ڪي تہ راهي اتي پڳا آهن.

تنهنجي گهرجو پتو ملي ويندو،
ڪيترا تنهنجا آشنا آهن.

تون جڏهن کان جدا ٿي ويو آهين،
درد دل کان نہ ٿيا جدا آهن.

مان اهو تو رڳو پڇڻ چاهيان،
مانُ چاهي ۽ ماٺهو چا آهن.

تنهنجي چرچي ۾ چاهہ هو ايڏو،
اڻ ڏني ڪيئي گل فدا آهن.

نہ ٿو اچين تون گهٽي آ پچندي.
اها بہ چڙ مون جيان آ لچندي.

اداس راتيون اداس ڏينهڙا،
مگر طبيعت اثر نہ وٺندي.

نہ ڪوئي ماڻهو، نہ ڪا سواري،
سجي آ ڪيڏي نہ راھ لڳندي.

آ ريس ايندي هوا تي مون کي،
ننگو بدن جيئن آ تنهنجو ڇهندي.

لتو تہ مون وٽ ضرور ايندو،
تلاش سج ۾ نہ رات رلندي،

ڪَتي نہ هوندي وچون آ اپ تي،
انهن جي جوڙي حشر ۾ ملندي.

ڇڏي وڃان ٿو مان تو کي تو وٽ،
مان موٽندس جيئن ئي رات ٿيندي.

هوا ۽ شبنم جي ساٿ سان ئي،
کلي ڪُلي گل جو روپ وٺندي.

اجا ٻہ جاڳن تا جيءَ ۾ جذبا.
نوان نکور ۽ آئيني کان اجرا.

لڳي ٿو ننڊ ۾ کو مون سان گڏ آ،
اهو آ جيکو اُٿي ٿو سپنا.

نہ پوري ٿي ۽ نہ پوري ٿيندي،
دفن کري ڇڏ اي دل تمنا.

کري ڇڏي کيڏي ”نيت“ ويجهي،
وڏو آ نالو نندي آ دنيا.

منجهي پيو آهہ اڄ جو ماڻهو،
آ هڪڙي منزل هزار رستا.

هي لڳ لاڳاپا ڏيکاءُ آهن،
جيئن لٽي سڄ شام پاڇا.

زماني ظاهر کري ڇڏيو گل،
صدين کان آدم رهيو آ تنها.

مسافر کي سفر صحرا سجهي ٿو.
اجايل ريت جو دريا سجهي ٿو.

نہ ڪوئي ساڻ هلڻو آهہ ساٿي،
بنان ساٿي "سَڪر" تنها سجهي ٿو.

اصولن جو نہ ڪرڻو آهہ سودو،
مگر سر ۾ جو آ سودا سجهي ٿو.

عقل کان سپ تہ ڪورا ڪو نہ آهن،
عقل کي ڪو نہ ڪو دانا سجهي ٿو.

ڪشش جذبات ۾ ڪو ڪم ڪجي پي،
پشيماني پويون پڇتا سجهي ٿو.

دنيا سان دل لڳائڻ آ چڱو پر،
حشر کان اڳ حشر برپا سجهي ٿو.

اجا مشهور ايڏو ڪو نہ ٿيو آ،
نئون گل نيڪ نانءُ "دادا"سجهي ٿو.

پيار سان پرپور اکيون.
مڌ ۾ مخمور اکيون.

چورِ دل چپ چپ ڏنو پئي،
چاهتن ۾ چور اکيون.

اکين مان تي من ۾ اتريون،
من کيون منظور اکيون.

هر محبت، ماڳ، محفل،
تي ويون مشهور اکيون.

هُن جي اکين لاءِ منهنجون،
ماندیون مجبور اکيون.

اکين کي ويجهو ٻہ هوندي،
تيون لڳن مجبور اکيون.

جيت بہ ٽيندي هار بہ ٽيندي.
هئہ هئہ، جئہ_جئڪار بہ ٽيندي.

جهمريون هيڏهن، هوڏهن نعرا،
مٿ سٿ پئي سرڪار بہ ٽيندي.

ڳالهہ نہ وڻندڙ، سچ لکڻ تي،
ڏوهي آ اخبار بہ ٽيندي.

پنهنجو جائز حق گهرڻ تي،
سياسي ڪن_لاٽار بہ ٽيندي.

هٿ ڊگها نہ تہ کهڙي ڪم جا،
ڦيري تي ڦر مار بہ ٽيندي.

خالي ڏيک ڏيکارڻ خاطر،
ڏوڪي جي دربار بہ ٽيندي.

ڪير پلا روڪيندو ساوڻ،
ساجن جي سڪ سار بہ ٽيندي.

سرهو سرهو ساهہ ساهن ۾،
هنيانءَ ۾ گل هٻڪار بہ ٽيندي.

نظر ڪنهن کي ٿي ڳولي چا خبر آ!
جو من پنڇي ٿو ٻولي چا خبر آ!

بگل جنگ جو وڄي ٿو هر طرف کان،
پڇيو دنيا جي گولي چا خبر آ!

لڳو چڻ چنڊ مون سان آ مخاطب،
نہ ٿو ڪڙڪي هو ڪولي چا خبر آ!

تو کي سڀ ڄاڻ آهي زندگاني،
وڌو رولي آ رولي چا خبر آ!

نہ ٿو بادشاھ ڏسجي ڪالھ کان ڇو!
ڇيو بيگم کي گولي، چا خبر آ!

مٽي کي هٿ ڏئي وينو آ گم سم،
پلايو ڪنهن ٿي پولي چا خبر آ!

ائين مايوس ڪوماٽيل لڳين ٿو،
پڇيو گل کان آ جهولي چا خبر آ!

آ قاتو ذهن اکرن ۾.
نون نازن ۽ نخرن ۾.
ڪٽي اڌ زندگي پنهنجي،
مليريا جي آ مڇرن ۾.
اڇي پوشاڪ وارا ڪي،
گلا گهيرن ۽ گٽرن ۾.
اندر آئيني ۾ جهاتي،
ڪريو ڪو پنهنجي نظرن ۾.
ڪڏهن منفي، ڪڏهن مثبت،
آ هڪڙو شخص خبرن ۾.
اشارو آدمي سمجهي،
پتو ناهه هوندو ٻيرن ۾.
ڪڏهن هيءَ ڏر، ڪڏهن هوءَ ڏر،
ڦريو نوٽن جي ڦيرن ۾.
عمر گذري غريبن جي،
اميرن جي ئي اثرن ۾.
حياتي گل آ شاعر جي،
سدا سوچن جي سفرن ۾.

بعد مدت هُو آيو آ گهر ۾.
اکيون حيران پيش منظر ۾.

مند آئي جيئن ئي مٿ ماتي،
ڪيڏو مانڌاڻ من جي اندر ۾.

پنهنجي نالي اڳيان آ ” ماڌو لال“
چا ڏنو هو ”حسين“ ڪافر ۾.

هي اجا تيار ئي ٿيو ناهي،
آ سفر جي نظر مسافر ۾.

ڏوڪي ۾ ٿو ڪڏهن اکيون ٻوٽي،
اک ٻليءَ جي هئي ڪبوتر ۾.

چند تائين سگهي نہ ڪا پهچي،
ڪيئي لهرون اٿيون سمندر ۾.

منهنجي خوشبو چڏي چو وئي مون کي،
سوچ گل آ اجا بہ ٻڏتر ۾.

بي نيازي نياز وارن سان.
چنڊ جيئن چلولائي تارن سان.

هڪ وجي تي لهر اچي تي ٻي،
چڻ تہ اڪ ٻوٽ آ ڪنارن سان.

هر مصور جو چتر ڪمري ۾،
چاهہ رکيو تي چتر ڪارن سان.

ڏيتي ليتي سوا نہ ڪم پيو ٿئي،
ناهہ ڪرڻو پيو ادارن سان.

چاهتن جا اهي ئي رهبر ٿي،
چاهہ تي ويو آ چاهہ_چارن سان.

پيچ پئجي ويا ڏسڻ سان ئي،
گڏ نظرون هلن نظارن سان.

سونهن، سرهاڻ، رنگ، ڪوملتا،
ساٿ سارو آ گل بهارن سان.

ڪو تعفو ڏيان، سوڪڙي ڪا ڏيان،
سڄي شاعري تنهنجي نالي لڪان.

ڪوئي فرق ماضي نہ آ حال ۾،
ڪولي ڊائرين کي ٿو هر هر پڙهان.

پيو آهه قاسي نوي پيچ ۾،
چوي ٿو نوي مان پورو سؤ ڪيان.

ٻئي هڪ ٻئي جون ٻڌن دڙڪنون،
ڪڍي دل مان سيني ۾ تنهنجي رکان.

گهٽي تنهنجي منهنجو آ چڻ رهہ گذر،
گهٽي ان سان ٿو مان اچان ۽ وڃان.

ڏسڻ وانگي تو کي ڏٺو آ ڪٽي!
ڏسڻ وانگي هڪ وار تو کي ڏسان.

اندر جي آ هرکر تي اڻ جهل وئي،
اجازت سوا ڪيئن مان تو ڏي اچان.

چوڻ لاءِ مون وٽ گهڻو آ مواد،
تون چاڻين ٿو گل مان تو کي چا چوان.

غلط رستي وئي نہ هل مون کي.
لکڻ في الحال ڏي غزل مون کي.

منجهي چا لاءِ تو پوين موڳا،
تون اڄ ڪڻ بار ڏي ڊبل مون کي.

رسڻ جي ڳالهہ ڪر نہ ڪا مون سان،
اجل کان اڳ نہ ڏي اجل مون کي.

متي ۽ هيٺ جي بہ حالت ۾،
چٽل خود کي رکيئہ، بدل مون کي.

خدارا ترس جي نظر ڪائي،
اچڻ کان ايترو نہ جهل مون کي.

حدون ويو پيار آ ٽپي ساريون،
پلَي وچ پاڻ يا تہ پل مون کي.

تنهنجي جهاتي مٿان جهاتي آ دل ۾،
اڳي کان پيي وٽين تو گل مون کي.

هجي شر کان محفوظ گھرجاءِ گھرجي.
ضمانت حياتي جي دلجاءِ گھرجي.

ڪليل رابطي لاءِ آفيس ان جي،
شڪايت نہ پر ڪا بہ بيجاءِ گھرجي.

اجايو بحث آ ٽي_وي چئنلن تي،
رعايت بنان رک رکاءُ راءِ گھرجي.

هوا جي هٿن ۾ بہ ڏيئو ٻري ٿو،
هٿن جي حفاظت حقن لاءِ گھرجي.

سچائي ڪي سمجهين ٿو تون گر سچائي،
دلاسو نہ دوکو نہ واءِ واءِ گھرجي.

اسان مهرباني اوهان جي جا گھايل،
اوهان کي بہ احساس جو گھاءُ گھرجي.

ميّسر دنيا جو آ هر عيش جن کي،
ڪرڻ گل انهن کي نہ هاءِ هاءِ گھرجي.

نوان لفظ، قافيا ڪتان آڻجن،
پراڻا نئين معنيٰ ۾ ڍالجن.

هي قافيا ۽ مافيا لڳن هم وزن،
ٻئي انگ اکرن سان پيٽائجن.

ڇيو فون تي هن ٿو تو ڏي اچان،
نئين نينهن جا ڪي مزا ماڻجن.

خوشين ۾ الڳ ۽ غمن ۾ الڳ،
ائين گانا مولود ٿا ڳائجن.

آهر جنگ جو حل وري پي امن،
نہ وڙهجي نہ ئي ٻيا ڪي ويڙهائجن.

ڪٿولا ڪٿون واڻ سان واڻجن،
مگر شعر لفظن سان ٿا واڻجن.

ٿيو شوق شادي جو گل آ وري،
ڪي گانا، ڪي ڳانا ڳلي پائجن.

خدا کي خط ڪٽي لکجي،
مگر ڪنهن کان پتو پڇجي.

متي اپ هيٺ آ ڏرتي،
خلا ۾ پير ڪيئن رکجي.

سيئي بند برقي تارن سان،
لنگهن اهڙن تان ڪيئن لنگهجي.

اسان جي ديس جي سرحد،
خبر غيرن کان ٿي پڇجي.

ڏهاڙي سنگ باري آ،
شهر پنهنجي کي ڪئين ڇڏجي.

هتن ۾ وقت واري جان،
جهلڻ سان تو ڪٿي جهلجي.

ويا پنهنجا پراوا ٿي،
انهن سان هاٽي چا ملجي.

ڪجي پوءِ گفتگو ٻئي سان،
سليقو اڳ ۾ گل سکجي.

من موھ ڏي مائل آ.
ھر قرب جو قائل آ.

ھلڪي ٿي اچي چن چن،
پازيب يا پايل آ!

ٿين چاپ آ قدمن جي،
ٻن ۾ ٿيون حائل آ.

توسان آ نينھن نرالو،
ڏاڪا جئين ”ململ“ آ.

تو سمنڊ سڏي مون کي،
لھرن ۾ نہ ساحل آ.

صحرا جو سفر سر تي،
سايو تنھنجو آنچل آ.

خيرات نہ گھر ان کان،
جو پاڻ بہ سائل آ.

تو کي نہ وڻي گھائي،
گل گيت ھي گھائل آ.

وڇوڙي جو ويلو اچي ٿو وري.
منهنجو من اڪيلو ٿئي ٿو وري.

اها ڄاڻ دل کي هئي اڳ پئي،
ڪٿان اک ڳليلو ڇُٽي ٿو وري.

نہ پوريون ٿيون اڳ، نہ هاڻي مگر،
اميدن جو ميلو مڇي ٿو وري.

نہ تو ڳالھ سولي بہ سمجهي سگهي،
ڳِهر ۾ ڳهيلو ڳري ٿو وري.

ڪئي ختم هئلو رسم هن هئي،
شروع رسم هئلو ڪري ٿو وري.

ڪٿا جا ٻنهي وچ ۾ اڳ هئي ٿيل،
گروهہ کي سا چيلو چوي ٿو وري.

ائين گل ڪو پتر پيل راھ ۾،
ڪوئي پير ٿيلهو_ٿڏي ٿو وري.

سک ۽ ڏک سان گاڏڙ زندگي آ.
ائين وٽندڙ، نہ وٽندڙ زندگي آ.

ٻنان پر جي اڏامڻ جي ڪري ٿي،
نئين ايجاد اڏندڙ زندگي آ.

ڪڏهن مانائتو شانائتو وڙ،
ڪڏهن ڦرٽيءَ جي ڦڙ ڦڙ زندگي آ.

ٻڌڻ وارو نہ ڪوئي وڻ نہ واهي،
ائين جيئڻ رڃ جي رڙ زندگي آ.

جي ڏس واري تري ۾ ٿي اڏامي،
جي ڏس وهندڙ ڪو واهڙ زندگي آ.

انديشي جو لباس اوڍيل آ ورنہ،
نظر ايندڙ نہ اوگهڙ زندگي آ.

پلي ٻاهر ڪوئي پانئين نہ پانئين،
اندر ڪل جهڙي آڪڙ زندگي آ.

جا آهي سا تہ گل آ عڪس ان جو،
اڪين ڪان اصل اوجهڙ زندگي آ.

ٻالهہ آ تو سان ڪرٽي خلاصي.
روپ ۽ رنگ جنهن جو آ ناسي.

مون کي پيي سمجهاءِ تہ اي دل!
کهڙي آخر آهہ اداسي.

تون تہ ڳجهي ٻالهين ۾ رکي وئين،
چاهت چوري نيٽن باسي.

چهرا اکيون ڏرتيء جي دز،
چنڊ، ستارا اپ جا واسي.

نيٺ ڪڏهن تون ايندين مون وٽ،
آس رکيو وينو آ آسي.

شهر جا شاعر نانؤ نہ ڄاڻان،
شهرت رکندڙ آهن خاصي.

چهرو ڪڙڪي اوٺ ۾ چو آ؟
چنڊ آ چڙهيو پور نماسي.

سچ لکٽو آ لک قلم گل،
ڪنهن ڪنهن قلم کي ڏيندا قاسي.

تو تہ چني چڏيو رشتو آ.
روز جو کھڙو سمجھوتو آ.

پوءِ بہ پاڻ ۾ مليا ناھيون،
تنھنجو منھنجو ھڪ رستو آ.

کھڙيون ڏسجن سواريون ويھي،
پيار تہ تو وٽ پنڌ پھتو آ.

ماني لاءِ ترسيو ھو وينو،
گھر کان واندو مس نڪتو آ.

چند سڪن عيوض تو وڪجي،
ماڻھوء جو نظريو سستو آ.

ڪاڏيءَ تي ھٿ، ميڙيون منٿون،
يار رٺل مس مس پرتو آ.

سپنو ست رنگ، ساپيا بي رنگ،
ساپيا ڏئي سپنو ورتو آ.

ڪنڌ ورائي سڀ ٿا ڏسن گل،
چھرو سبتو يا ابتو آ.

رام تنهنجي راڄڌاني.
تا چون آ خانداني.
ولولو، جذبو، ۽ گرمي،
نالي ۾ آهي جواني.
گهر لڳو لڳ هڪ ۾ ماتم،
ٻئي آ گهر ۾ شادماني.
ڪم نہ جي ٻئي ڪنهن کي آئي،
ڪهڙي ڪم جي زندگاني.
پاڻ پنڌ مون ڏي ڪيو تي،
تنهنجي منزل مهرباني.
آ هليو ياڪر ڪليل ۾،
چو ڪرين تو آنا_ڪاني.
منهنجو چڻ نڪ_نانءُ ٿيندو،
نانءُ پنهنجو ڏي نيشاني.
تون بہ سنبري ويهہ مسافر،
راهہ ٿيٽي آ رواني.
جو پڙهيو ٿي لڪ هن ۾،
پرچو آهي امتحاني.
رنگ ۽ خوشبو جي خاطر،
مون ڪئي گل باغباني.

تو چو اوندھ ۾ آھ اڇلايو.
منھنجو مون کان جدا ڪيو سايو.
ڳالھ اڳتي وڌي بہ ڪيئن آخر،
آ سين جو الڳ لڳ رايو.
ائين نہ آھي جيئن تون سمجھين ٿو،
تو ڪي ڪنھن خواہ آ مڇرايو.
زور سان، زر سان يا عدالت سان،
جرم پنھنجو تو ٻئي ڪي مڙھايو.
پنج لڳا منٽ سنڌ ورھائڻ ۾،
۽ ورھاڱي تي ڪنھن نہ شرمايو.
ھر ڪو پنھنجي انا جي پاڪر ۾،
ڪنھن رٺل ڪي نہ ڪنھن بہ پرچايو.
وھم آ يا دماغ جي ويسر،
رات ڪنھن دير در ھو کڙڪايو.
ساز، سر، گيت يا غزل ڪوئي،
ڪا گھڙي من منجھيل ڪي بھلايو.
ھوش تي جوش ٿي ويو غالب،
پيار ڪيڏو نہ پوءِ پڇتايو.
فن ۽ فڪر جي حوالي سان،
پاڻ ڪي نيٺ گل تو مڙھايو.

آئينو روبرو رکجي.
پوءِ پنهنجي آبرو رکجي.

وجي اپ کان نہ جا اڳتي،
اها چو آرزو رکجي.

سجي محفل پوي مهڪي،
شگفتہ گفتگو رکجي.

جئين محبوب جو منهن آ،
محبت هو ٻهو رکجي.

خبر ملندي تہ مان چاهيان!
جي جاري جستجو رکجي.

صحافي تو ٿيڻ چاهين،
خبر کي خابرو رکجي.

پو هر شي خوبصورت آ،
نظر کي خوبرو رکجي.

ٻسو تو گل لڳي آڳر،
جي ٻيو نہ تہ نازبو رکجي.

چڪ چڪان ۾ زندگي گذري وئي.
وٺ وٺان ۾ زندگي گذري وئي.
چا تہ جوين جا اهي ڀي ڏينهن ها،
ڪل ڪلان ۾ زندگي گذري وئي.
ياد چاهت جي اچي ٿي چؤڪڙي،
چم چمان ۾ زندگي گذري وئي.
ڳالهہ ساڳي هو نہ آيو مان ويس،
اچ وجان ۾ زندگي گذري وئي.
واعدا ڪيئي ٿيا، ڪيئي ٽٽا،
رُس رُسان ۾ زندگي گذري وئي.
سوچيان ٿو زندگي هئي، سپنو هئو،
پچ پچان ۾ زندگي گذري وئي.
ريءَ پچا پوڙهائپ بيني آ مٿان،
جيء جيان ۾ زندگي گذري وئي.
ڏسندي ڏسندي ست پيڙهيون ٿو ڏٺيون،
ڏس ڏسان ۾ زندگي گذري وئي.
آخري پل جو هيو گل انتظار،
ڪجهہ ڪيان ۾ زندگي گذري وئي.

حسن جي ڪرڙي آهہ رکوالي.
عشق جي هر نظر آ دونالي.

ٿي ويا بند لڙڪ اکڙِين جا،
دل جي ڌرتي اڃا بہ آ آلي.

تو ڪان وسري وئي هجي شايد،
لوڪ اڄ تو ملهائي ديوالي.

اي خدا! فرق ايڏو ڇو آهي؟
هڪ جي خوشحالي ٻئي جي بدحالي.

پهرين نمبر تي ياد آ تنهنجي،
صبح خالي نہ شام آ خالي.

تنهنجي گل راهہ تو ڏسان وينو،
من جي مند ٿي وئي آ متوالي.

تا چمڪن چنڊ ۽ تارا ڳگن گونگو ٻڌائي ٿو!
هي پانڌي پنڌ ۽ چارا ڳگن گونگو ٻڌائي ٿو!

سدائين سمنڊ ۾ گهارن لڏن لهرن جي لوڏن ۾،
ڏيهي پرڏيهي وڻجارا ڳگن گونگو ٻڌائي ٿو!

ڄاوا نپنا ٻه ڌرتيءَ تي ڏٺين هوندي نڏٽڪا ڇو؟
ڇو ويچارن ۾ ويچارا ڳگن گونگو ٻڌائي ٿو!

ساڳي ميراڻ من اندر جا ڪلهه پي هئي ۽ اڄ پي آ،
تا ٻولن ٻول اجيارا ڳگن گونگو ٻڌائي ٿو!

ڪري تحصيل علمن جي ٻڌائين پڳ عالم جي،
مگر معنيٰ ۾ مونجهارا ڳگن گونگو ٻڌائي ٿو!

ڳجهو اجلاس هو ڪوئي ڳجهيون رڪيون ويون ڳالهيون،
ٻنان ڄاڻ جي ڳل نعرا ڳگن گونگو ٻڌائي ٿو!

نظر ڪائي ابتي نهاري ٿي دل ۾.
گهٽي پڪ، شڪ ڪي اياري ٿي دل ۾.

ائين هلڪي هوريان ڪا قدمن جي آهٽ،
سڪايل سمهيل سڪ اٿاري ٿي دل ۾.

نويلي نئين پريت پاسي ۾ هوندي،
پراڻي پريت ڪا پڪاري ٿي دل ۾.

جڏهن واند وڪريل وارن ڪان ملندس،
تڏهن سينڌ سهڻي سنواري ٿي دل ۾.

گلابي غزل جي هئي ڳالهہ نڪتي،
شرابي هوا رنگ اڏاري ٿي دل ۾.

جئين رات جي سانت ڦهلي آ هر سو،
ڪا گل تات جي تند سنواري ٿي دل ۾.

ايمان وسري ٿو وڃي.
پڳوان وسري ٿو وڃي.

ارمان آ انسان کان،
انسان وسري ٿو وڃي.

داناءَ سان ڳالهيون ڪندي،
نادان وسري ٿو وڃي.

آسون امن جون، جنگ جون،
ميدان وسري ٿو وڃي.

ايندڙ سفر سانباهه جو،
سامان وسري ٿو وڃي.

دل سان ڪيل ڪنهن دوست جو،
احسان وسري ٿو وڃي.

پئسي پنيان ڊڪ ڊوڙ ۾،
گل ماڻُ وسري ٿو وڃي.

چتيون چتيون چھرو لڳو، پر خواب ۾.
ڪاوڙ ۾ آئينو ڀڳو، پر خواب ۾.

هن جي جڏهن نيراڻ نيڻن ۾ ڏٺي،
سڪ سمنڊ اٿلي پيو، پر خواب ۾.

هو حجر اسود وانگيان چهري تي تر،
جنهن کي عقيدت مان چميو، پر خواب ۾.

سڪ، سار ڪنهن جي سڏ ڪيا ڏاڍا ڪيا،
ها، مون نہ ڪوئي سڏ ٻڌو، پر خواب ۾.

لمبو سفر آ زندگي چا چا ڪٽان،
سڀ ڪجهه ويندي وسري ويو، پر خواب ۾.

آيو نہ اڄ هو اچڻو آ، ايندو ضرور،
دل کي دلاسي ۾ رکيو، پر خواب ۾.

آ فلمي دنيا موت پويان زندگي،
نرگس کي گل جيئرو ڏٺو، پر خواب ۾.

كشمكش ۾ زندگي آ.
ڦاٽي رش ۾ زندگي آ.

دلربا جي دلربائي،
گار_گش ۾ زندگي آ.

دم مٿان دم غم ٿئي ڪم،
ڪش تي ڪش ۾ زندگي آ.

ٻن انگن جي وچ تي ڦاٿل،
پنج_شش ۾ زندگي آ.

هوش هوندي هوش ڪاٽي،
گذري غش ۾ زندگي آ.

خواب خوشبو پوکي پرکيو،
پرورش ۾ زندگي آ.

چانوَ ۾ ڪاٻ ڪا وري گل،
تِک_تپش ۾ زندگي آ.

وٽي وچ ۾ جيڪا پئجي وئي آ.
ٻنهي ڪان ڪا نہ سا پرجي سگهي آ.

ڪتي ٽانيڪو من تنهنجو ويو ٽي،
انهيءَ ڪان وڌ نہ مون لئہ ٻي خوشي آ

لڳي ٿو معجزو ايڪهين صدي جو،
سمندر ۾ ٻڏل ٻيڙي تري آ.

شهر ۾ ڪا خبر اهڙي آ هلندي،
نہ ڪوڙي ۽ نہ ئي هوندي سچي آ.

حسد جي آڳ ساڙيو آ گهڻو ڪجھہ،
بچايو ان ڪي جا شيءِ وئي بچي آ.

هلن ٿا اسم آذر ٿي هلن ٿا،
ضمير آڏو نہ ڪوئي پي لچي آ.

اها احساس جي گل مات چئبي،
نہ تو بازي نہ مان بازي ڪٽي آ.

ٿيو آ وقت ايندو ناھ مون وٽ.
رڳو جملو اھو وينو نہ تون رٽ.
زمانو ڪيڏو اڳتي آ وڌي ويو،
زماني ساڻ پنھنجي پيي تہ اک پٽ.
ائين تنھنجو ڪلڻ آھي اجايو،
تڏھن ڪل ھاريل بازي جڏھن ڪٽ.
ورھاست آ مقدر يا خدا جي،
مليو ڪنھن کي گھٽو ڪنھن کي آھي گھٽ.
سواري ٿي وڏي ماڻھوء جي گذري،
سڄي ھن روڊ رستي ڪان پري ھٽ.
جيئڻ چاھين تہ ڏي جيئڻ ٻين کي،
نہ پنھنجي مرڻ ڪان اڳ ۾ قبر لٽ.
ائين قاسي نہ پؤ اڪرن انگن ۾،
نہ پنھنجي راءِ پرائي راءِ تي مٽ.
ٻين آڏو نہ ھلڪو پاڻ کي ڪر،
ڪو ڪم آدير سان ٿيندو ڪو جھٽ پٽ.
سٿون ناھن اھي گل آيتون ھن،
سٿن تي پنھنجو سارو ساھ سر سٽ.

جا مِس ڪال آئي سا بي نام آئي.
ائين جيئن ڳجهارت يا ڪا مام آئي.
اڪين جي نہ آٿت نہ دل جو دلاسو،
آ هُن جي بہ خالي خبر خام آئي.
کُلي ڪا نہ ڪڙڪي سنجها شام ٿي وئي،
نظر نينهن نازڪ بہ ناڪام آئي.
چني دوستي وئي نندين ڳالهين تي،
ڦري موٽي آئي تہ بدنام آئي.
اها ڳالهہ جيڪا هئي خاص تائين،
عوامي وٺي روپ سا عام آئي.
اهو سمنڊ ساحل هليو ويو پيِن سان،
ڪيڏو شڪ هُن لئہ ڪٽي شام آئي.
اها پڪ جنهن ۾ نہ هو شڪ شبهو،
طرف ان ڪان مون لاءِ انعام آئي.
انهي پرک ۾ ٻيي اسان پاس آهيون،
پرائي ڪا عزّت ٿي گر سام آهي.
ڪيل واعدي تي صنم ڪو نہ آيو،
آئي ننڊ گل پر بي آرام آئي.

جهلي بک نہ جهولي کا خيرات جي آ.
کهاٽي اها اڄ جي حالات جي آ.

پراٽي وڃائي ڇڏي ساک ساري،
نئين ساک سازش کا محلات جي آ.

جهلي بند پاٽي جهلي کو نہ سگهيا،
تباهي اکيلي نہ برسات جي آ.

ائين ڪيئي راتيون اوجاڳن اجهايون.
ڦٽي ننڊ هيڪل نہ اڄ رات جي آ.

اجا پيي اسان جي اکيون کو نہ کوليون،
اجا اڻ ڏٺي ڳالهه خطرات جي آ.

چو مقصد جون ڳالهيون ويون چپ تي گل!
لڳي تو تہ هيءَ سانت سکرات جي آ.

عجيب ڳالهين جو سلسلو آ.
ٻڌڻ جو ڪنهن ۾ نہ حوصلو آ.

خبر نہ آهي ڪٿي هُو هوندو،
ٽٽل زماني ڪان رابطو آ.

پنجاھ سالن ڪان پوءِ ڏٺو مون،
شهر هي ساڳيو آ، يا ٻيو آ.

اسان ٻنهي جي گهرن جي وچ ۾،
چئن تہ قدمن جو فاصلو آ.

مون ڪي آ منظور ٻنهي رخن ڪان،
ڪيو تو جيڪو پيو فيصلو آ.

خمار منهنجن اکين ۾ هو، يا،
اکين ۾ آئيني جي نشو آ.

نہ پنهنجي حالت تي غمزده ٿي،
دنيا جو ئي حال گل برو آ.

نظر کان آخر پڇا آ ڇا جي!
ڏسڻ کو ڇھرو خطا آ ڇا جي!!

طبيب کھڙي قسم جو آھين،
جي درد ناھي دوا آ ڇا جي!

مان پنھنجو مطلب کيو آ پورو،
ڀلا انھي ۾ دغا آ ڇا جي!

سندَ ۽ فتوا ڇتل آ ٻانھو،
پوء ان جي حق ۾ دعا آ ڇا جي!

ڪڏھن تون منھنجو، ڪڏھن ٻئي جو،
وفا ۾ شامل جفا آ ڇا جي!

ٻڌي ٿو خود، پر پڇي ٻين کان،
ڳلي ڳلي ۾ ڳلا آ ڇا جي!

پتو نہ مون کي ڇو ھٿ کنيا مون!
گھري خدا کان دعا آ ڇا جي!

جواب شکوہ، اجا بہ شکوہ،
تہ پوءِ گل دل صفا آ ڇا جي!

رفاقت جي سفر ۾ آهيان مان.
قيامت جي سفر ۾ آهيان مان.

صلي، عيوض نہ جنت جي تمنا،
عبادت جي سفر ۾ آهيان مان.

لڳا الزام بي بنياد ڪيئي،
شرافت جي سفر ۾ آهيان مان.

ڏئي سر سنڌڙي تي سرخرو ٿيا،
شهادت جي سفر ۾ آهيان مان.

خدا چاهي! دنيا چاهي ۽ چو آ!!
حقيقت جي سفر ۾ آهيان مان.

اکين ۾ ڪيئي چهرا گل گلابي،
محبت جي سفر ۾ آهيان مان.

لڳي بازار نيلامي.
پري ڪو واڪ جي هامي.

ڏنم ڳڌ خواب ۾ وينل،
سچل، پٺ شاهہ، ۽ سامي.

ڪو هوندو دال ۾ ڪارو،
پلي ماڻھوءَ جي بدنامي.

اهو ممڪن نہ تو پاسي،
نہ آدم ۾ هجي خامي.

نہ تنهنجي آ، نہ منهنجي آ،
مقدّر جي آ ناڪامي.

لهي چنڊ چوڏهين جو ويو،
مگر آيو نہ انجامي.

هتان ڳذري وجو هوريان،
ٿيو مس گل آ آرامي.

صديون سياست پراڻي راند آهي.
نہ وير آهي، مگر ويڙهاند آهي.

هلي آ دوست نَوَ نڻ راند کيڏون،
رهيل تو ڏي کلهوڪو پاند آهي.

نہ تو سمجهي سگهان مان چو الائي،
خوشي ڳاڙ ڪا من ۾ ماند آهي.

ڪيون ويهي ورونهن ڪا هڪ ٻئي سان،
جي تو ڪي دوست ٿوري واند آهي.

جيئن آتم ڪتا پنهنجي پڙهي ڳل،
وڏي ويو درد دل هيڪاند آهي.

تير تاڻيل آ نظر جو مون طرف.
مان نہ ٿو چاهيان اچي تو تي حرف،

پير پائي آئين تون منهنجي اڱڻ،
ان ڪان وڌ مون لاءِ ٻيو ڪهڙو شرف.

گفتگو هلندي ٿو پڌرو ٿي پوي،
ڪيترو ڪنهن ۾ سهڻ جو آ ظرف.

ڪير آهي جو ڪندو ان کي فيئر،
منهنجو جيون ائين جيئن قصو ڪو رف.

پيار ٻئي سان، تنهنجو خالي آ وهم،
پيار منهنجو تو سان گل آهي صرف.

شرميلي شاهه آهي.
رُت کي سلام آهي.

قابو رکڻ لئہ دل کي،
ديدن جو دام آهي.

ڪو شعر تو لڏي پيو،
لفظن جي لام آهي.

چانڊوڪي جي چپن تي،
چنڊ مئہ جو جام آهي.

هن پيچري ۾ پنڌ جو،
ڪاٿي قيام آهي.

هن کي چو بند رکو ٿا،
رستو هي عام آهي.

گل چاهتن جي مک تي،
اڄ ڪلهہ ملال آهي.

رشتن کي جو ڪٽي ٿو.
فطرت کي ڄڻ ڦٽي ٿو.

خنجر جو رقص جاري،
پل پل ۾ رخ مٽي ٿو.

هر روز نئون آ ماتم،
ساٿين جو انگ ڪٽي ٿو.

آفت اچي ٿي اڱ ۾،
آدم پوءِ اک پٽي ٿو.

آ ٻار هٿ گليلي،
اُپ کي اُيو چٽي ٿو.

اندر آ ان جو خالي،
ست سمنڊ لٽ لٽي ٿو.

هر هر چڪي پوي ٿو،
مس مس کو ڦٽ ڇٽي ٿو.

آ عشق جي علامت،
نئون دل ۾ گل ڦٽي ٿو.

وقت کان هر حساب ونڊو آ.
نئون اکين ۾ کو خواب سجڻو آ.

کائي تاريخ آ، يا مِٽ آهي،
چا بہ آهي ڪتاب پڙهڻو آ.

پير پير عمر هيءَ وڌي ڪئين ٿي،
ڪئين اچي ٿو شباب ڏسڻو آ.

ڪم تڪڙ جو نہ آ صحيح ٿيندو،
هوريان هوريان حجاب هٽڻو آ.

پيار ۾ پير آ جڏهن پاتو،
پيار جو هر عذاب سهڻو آ.

خود چڱو آ تہ جڳ چڱو آهي،
پاڻ کي چو خراب ڪرڻو آ.

مئڪدي جو آ بند دروازو،
ڪنهن جي اک جو شراب پيڻو آ.

رنگ خوشبوء سان واسبو من کي،
پر نہ ڪو گل گلاب پٽڻو آ.

اڏورو حوصلو ڪهڙي آ ڪم جو.
ائين جئين آسرو ڪوڙي قسم جو.
سهڻ وارو هيس شايد رڳو مان،
نہ بدليو رخ ٻئي پاسي ستم جو.
ڪڏهن آئي نہ ان جي مرڪ مک تي،
سدائين موڊ آف آهي صنم جو.
سگهي پنهنجا نہ تو ڪو غم سنڀالي،
ٿئي احساس ڪئين ٻئي ڪنهن جي غم جو.
اڃا تائين تہ دم سان دم ڪڇي ٿو،
پتو ڪنهن کي بہ ناهي پوئين دم جو.
شهر ۾ روز هيڏيون وارداتون،
نہ پيڇو آ، نہ پاڇو ڪنهن قدم جو.
* ”مرڻ جي ڏينهن جي ڪل ڪا نہ آهي،
اڄوڪو ڏينهن آ منهنجي جنم جو.“
خبر ناهي تہ ڪيسين ساٿ ڏيندو،
پروسو ڪو بہ ناهي گل قلم جو.

* هي شعر 10 سيٽمبر 2012 تي جنم ڏينهن
لکيو هو.

هي ڌرتي اڄ چو لهُو لهان آ.
امن جو اهڃاڻ اڳ هئي جا.

ڪئي سچي ڳالهه هوندي سائين،
خوشامندي لَب ۽ ڪوڙي وه وا.

ڳلا هئي توکي اگر ڪا مون ڪان،
چو چپ هئين تون چئي ڏئين ها.

اها ئي هئي هوبهو اهائي،
اکين ۾ منهنجي هئي اپسرا جا.

روش اها تنهنجي ناهه ساڳي،
چيو گهڻو آ، اجا چوان چا!

رڳو فرق آهي حيثيت جو،
جا تنهنجي دنيا سا منهنجي دنيا.

ها، فضا رُت آ گل بي لڳندي،
ٽڙي آ پوندي جڏهن ڪلي ڪا.

رنگ هڪ ۾ زندگي گهاري رڳو.
باقي رنگن تي نہ منهنجو وس پڳو.

ڪا خوشي آئي نہ مون کي راس آ،
چو غمن کان منهنجو تو رشتو ڇڳو.

تنهنجي هٿ ۾ آهي ساري سور پور،
منهنجي تون هر ساهہ جو آهين سڳو.

شهر جون ڪجهہ حالتون اهڙيون هيون،
پنهنجي اندر خوف کان هر ڪو ڀڳو.

مون کي ائين موضوع هو مٺڙو پيو،
سچ ڪڙو تو کي چوڻ ڏکيو لڳو.

گل سخن سنج ڳالهہ ان کي سمجهندو،
شاعري شاعر جي بت جو آ وڳو.

ٽن اچارن جو هي جيون لفظ آ.
چار هن ۾ حرف هر فن لفظ آ.

ڇهري ڇهري جا سجاڳي داغ ٿو،
ائين اهو سمجهو تہ درپن لفظ آ.

ڪنهن نظاري ڪنهن بہ منظر کان پڇو،
صبح چا هر شام درشن لفظ آ.

موت تائين سور سرجڻ کان وني،
ايترو پوڳي ٿو، سو من لفظ آ.

وس غربت جي نہ آهي پوءِ پي،
پر ڪشش ۽ پر فريب ڌن لفظ آ.

ٽوڙي جو هڪ ٻئي جي ابتڙ اصل کان،
دوست پي هڪ لفظ، دشمن لفظ آ.

رنگ ۽ سرهاڻ سان واسيل سدا،
گل ڪلين جو ساهہ گلشن لفظ آ.

بنان سبب جي چني تو سنگت.
چنڻ آ تنهنجي پراڻي عادت.

وڏن جي ورثي جا ڀاڱ وارا،
ڪُلي نہ پئي ڪنهن جي ائين قسمت.

جو در تي آفيس جي ٽنگيل آ،
ڏٻي سان کهڙي ڪجي شڪايت.

اهو بہ هٿ ناٿ جو آ شعبو،
ڪو شوشو ڇوڙيو ملي وئي شهرت.

اچان مان تو ڏي هلي اکين سان،
ملڻ جي مون سان ملڻ جي مهلت.

رکي آ چانئٺ تي تنهنجي دَرَ جي،
متان اورانگهين آ منهنجي چاهت.

آ عمر مون کي وڏيڪ ڇوڙيو،
وئي تي گهنج گهنج گل آ صورت.

مون سان گڏ رات جي پيي ننڊ ڦٽي وئي.
ڪندي ڳالهيون پتو پيو پرهه ٿي وئي.

ٽنولي ٽوڪ واري ڪِل ڪلندي،
ائين ڪِل ڪان منهنجي دل ٽي ڳٽي وئي.

نظر آئيني جي ڪان مان ڏڄان پيو،
زماني جي نظر تو ڪي لڳي وئي.

ڏَنگي ۾ نار دريا پار ويندي،
لڳو دريا ۾ سهڻي پيي ٻڏي وئي.

منهنجي دل ۾ محبت آڳ هئي جا،
تنهنجي دامن تائين پيي آ پڄي وئي.

جتن اڳ ۾ اهو سوچيو ڪٿي هو،
پنهون جي لج رڻ پٽ ۾ رلي وئي.

قبولي يا نہ ڳل ڪوئي قبولي،
بهارن ۾ ڪلي مرجهائجي وئي.

بي قيمت آ اهو گل جو.
نہ ڪنهن اک ۾ ڳُليو هوندو.

دکن سان عمر جنهن گهاري،
سکن جو نانءُ چا پچندو!

مڪمل ماٺ آ ٿي وئي،
ڳليءَ جو شور ڪاڏي ويو.

ڳُلي جئين لحد لفظن جي،
دفن جو هو لکيو آ سو.

ڪهاڻي، جو متن چاهي!
ٻڌڻ واري ڪٿي سمجهو!!

نظر ويئي فلڪ تائين،
آ اڳتي چا ٻڌائي ڪو.

اهو گل شعر شاعر جو،
بنان ڳڻ ڳوت جي لکيو.

بهارو سمهي پئو نظارو سمهي پئو.
مون سان گڏ نہ جاڳو ستارو سمهي پئو.

منهنجو مسئلو ڪنهن آ الجهن ۾ الجهيل،
اوهان چو ٿا الجهو اي يارو سمهي پئو.

نہ ٻيڙو آ اچڻو نہ وڻجارو ڪوئي،
ٿي ٻي فڪر ساگر ڪنارو سمهي پئو.

سهارن جو رستو ڏسڻ آ اجايو،
سجر سور پي ٻي سهارو سمهي پئو.

لُڇو ۽ نہ تڙپو نہ آهون نہ دانهون،
دوا درد ٿيندو بيمارو سمهي پئو.

اچي ننڊ نيڻن دعا گل ڪيو ڪا،
گلن جهڙا في الحال ٻارو سمهي پئو.

نظر تو مون طرف موڙي،
بدن ۾ بجلي وئي ڊوڙي.

ٻنهي جي آئينو آڏو،
ٻنهي مان پريت ڪنهن ٿوڙي.

ملي ويو سينو سيني سان،
گهٽي ايڏي هئي سوڙهي.

ڇيو هُن پيءُ پيٽي پئي،
دوا هئي درد ڪان ڪوڙي.

ڳنڍيل هئي ڳنڍ ٻولن سان،
۽ ٻولن ئي ڇني ڇوڙي.

جو تو چاهيو مليو تو کي،
سلامت گل رهي جوڙي.

تنهنجي كا ياد، ياد ايندي آ.
مون كي هيڪل نہ پوءِ ڇڏيندي آ.

ٿي ويو پاڻ آهين پٿر، پر،
شيشي جي ڳالهہ تو سان ٿيندي آ.

تنهنجي اک جي اها نہ وئي عادت،
اڄ لکو ڪو اشارو ڏيندي آ.

وٺ اها واٽ جنهن سان وڃڻو ٿي،
واٽ ڪان پڇ نہ ڪاڏي وڃڻو آ.

هي بہ نفرت جو آهہ هڪ پاسو،
نينهن سان نانءُ پيي تہ نيندي آ.

شاعري ڪان نہ روڪ ڳل مون ڪي،
روز نئين سوچ ڪا سڏيندي آ.

سمنڊ جون لهرون اٿن ٿيون.
چنڊ تي پهچڻ جي ڪن ٿيون.

ائين بدن مليو بدن سان،
ديدون ديدن سان ملن ٿيون.

پيار پاتيون چند گهڙيون،
ياد سي گهڙيون اچن ٿيون.

ٻن سهيلن وچ ۾ چپ چپ،
راز جون ڳالهيون ٿين ٿيون.

چمندا آهن چپ اکين کي،
ڪي اکيون پيي چپ چمن ٿيون.

وقت جيئن پاسو ورايو،
حالتون حق ۾ هلن ٿيون.

چاهتن جون موسمون گل،
پل اَ پل مٿبيون رهن ٿيون.

صحيفا آسمانن تان اتاريل.
لٿا سينن تي جي ها اڳ اجاريل.

شهر ڏي ڪيتريون ايندڙ ۽ ويندڙ،
انهن واٽن جيان آهيون ورهايل.

ٻٽي پاليسي يا ڪا چال سياسي،
ڪڏهن ساريل ڪڏهن آهيون وساريل.

مجان ٿو رَبّ ۽ رَبّ جون نهارون،
ڪروڙين پوءِ ٻہ ملندا اڻ نهاريل.

بکيا، بي گهر، ڏکيا ۽ انگ اگهاڙا،
دنيا جي بي ڏياني جا جياريل.

مڪون دل جون مجن ئي ڪو نہ ٿا سي،
اهي جي پنهنجي نظرن جا ڌڪاريل.

اهي ڄاڻن ٿا جنّت جي حقيقت،
گذر گاهن مان اڳ آهن گذاريل.

لغت ۾ لفظ جيڪي پي ملن ٿا،
اهيئي شاعريءَ ۾ گل اچاريل.

سنئي سوچ رکندڙ آ ثابت دماغي.
انهيءَ کي چون عرفيت ۾ تا باغي.

کندي جرم مجرم وساري ڇڏي ٿو،
اندر وارو انسان آهي سراغي.

اچڻ کان اڳيئي جهڳو جهڻ ويو ٿي،
ڇيو سس سهري ته مڱ آ نياڳي.

چراغي غريبن جي ڪا رات ناهي،
اميرن جي هر رات آ شب براتي.

ائين ارب پتي ٿيو سياست ۾ ايندي،
ڇا سياست سياڳي يا ساعت سياڳي.

گلابي نه موتيو نه چمپا چنبيلي،
رڳو هڪڙو گل لاله ٿيندو آ داغي.

زندگي عشق کان سوا چاهي!
خالي جيئڻ ٻيو تہ ڪجهہ ناهي.

درد دل ۾ آ گهر ڪري ويٺو،
مطمئن ڪيڏو بي فڪر آهي.

پيار وٺ پيار تو اڳي پهچي،
جيستائين پڪي ٿو پر ساهي.

ايتري پڪ ٻنهي کي ڪانهي ڪا،
ڪيترو ڪير ڪنهن کي ٿو چاهي.

روپ ٻهروپ تون بہ ۽ مان پيي،
روپ تان روپ ڪير ٿو لاهي.

هڪڙي گهر ۾ هي هيترا گهر ڇو؟
وچ جون ديوارون سپ ڇڏيو ڊاهي.

شاعرن جي آ لسٽ ۾ شامل،
شعر ناهي ٿو، پر نہ ٿو ناهي.

ڇو ٻين لاءِ ايڏو ٿو سوچي،
سوچ چاڙهي ڇڏن ٿا گل ڦاهي.

غمگين رُت جو آ قسم،
حد ڪان نہ وڌ تون رک ستم.

پوڄا ٻنهي جي تي ٿئي،
هڪڙو خدا، ٻيو آ صنم.

تنهنجو هئو هٿ، هٿ ۾،
۽ تار بجلي تي قدم.

ڄاڻي خدا تو پيدِ هي،
منهنجو ٿيو هو ڇو جنم!

سڀ ڪجهہ ڇڏيو آ پيار تي،
چاهي خوشي چاهي الم.

تو ساڻ نيڀهہ شاعري،
جيسين بہ دم ۾ آهہ دم.

سچ آ ڪڙو سچ ٿا لکون،
گل سرخرو آهي قلم.

جانِ هڪڙي لاءِ ٿو روئين پيو.
شهر ڪيئي سمند آ ڪائي ويو.

ڪيترا آواز هڪ آواز ۾!
ڪنهن ڪٿي هوندو ٻڌو جو مون ٻڌو.

ان جي اکين ۾ رهيو بس انتظار،
وقت تي جنهن پي ڪيو هو پروسو.

پنهنجو سايو پي وجي ٿو ڏار ٿي،
کهڙو اوندهہ ۾ رکين ٿو آسرو.

پنبڻين، پرون منجهان، اکين منجهان،
دل نہ سمجهو تير ڪاٽئون هو ڇٽو!

ڪس ڪسر ٿيندي آ رهندي پيار ۾،
ٿورو گل نقصان ٿورو فاعدو.

بارش جي هلڪي ڪڻ ڪڻ آ.
پايل جي ڄڻ ڪا ڇڻ ڇڻ آ.

ٻالڪ جي هٿ ۾ رانديڪو،
ڦيرائڻ سان ٿي جهڻ جهڻ آ.

ريس ڪٿي آ رئيس جي گهوڙي،
وه وه ٿي جهر جهنگ وڻ وڻ آ.

ماڻهو ڊوڙن هيڏي هوڏي،
شهر ۾ چو وٿ سٿ هڻ ڪڻ آ.

پيلي رُت جي پهرين پيٺا،
گلشن گلشن ٿي پن ڇڻ آ.

دل ۾ ڪنهن جي آمد ٿي آ.
پڪ ناهي، پر شايد ٿي آ.

سڀ اتي بيٺا ها ادب ۾،
حال ۾ جيئن هوء وارد ٿي آ.

آئون تہ پراڻي راھ جو راهي،
راھ نئين ڪا قائد ٿي آ.

دل هڪڙي سان، اکيون ٻئي سان،
پريت پريت سان حاسد ٿي آ.

مون ڪي دڳ آواره سان لائي،
آواره دل شاهد ٿي آ.

سج، چنڊ، تارن اپ ڪان اڳتي،
سوچن جي گل سرحد ٿي آ.

برف جهڙو آ ٿڌو تنهنجو بدن.
ان جي ابتڙ آ گرم منهنجو هي من.

پوسٽ مارٽم بعد منهنجي شاعري،
حق ادائگي، سان ڪجو ان کي دفن.

مان ۽ تون، ٿيون وچ ۾ آ اغيار پيو،
ٿـن اسمن ۾ ورهايل آ وچن.

ڪجهه حدن ۽ سرحدن جي باوجود،
سچ تہ ساري ڌرتي آ منهنجو وطن.

هڪ گگن، هڪ ڌرتي ۽ هڪڙو خدا،
وچ ۾ خالي ٿنگ اڙائي آ ٻتن.

خط تنهنجو ڇڻ ڪوئي معمو هجي،
لفظ معنيٰ هوندي بي معنيٰ لڳن.

جنگ هڪڙي ۾ مرن ماڻهو لکين،
ڪنهن جي حصي ۾ قبر ڪنهن بي ڪفن!!

موسمون توڙي جو گل مٿبيون رهيون،
رنگ، خوشبو ڪان نہ خالي آ چمن.

سچ جي رستي ۾ پٽ ٿيندي نہ آ.
ڪوڙ جي سر تي بہ ڇت ٿيندي نہ آ.

خاندانن جي رضا مرضي سوا،
پسند جي شاديءَ ۾ تت ٿيندي نہ آ.

بي سند قصو، ڪهاڻي آهہ مٿ،
ها، مگر تاريخ مٿ ٿيندي نہ آ.

اهڙي ڪا بازار ناهي شهر ۾،
درد ۽ دل جي کپت ٿيندي نہ آ.

”آٺيون ۽ چارهيون“ وارو قصو،
پيٽ ۾ پورا بچت ٿيندي نہ آ.

پيٽ موتين سان ڏيو، پر سوچيو،
لڙڪ لارن مان اپت ٿيندي نہ آ.

پيار، محبت، قسم ۽ واعدو بہ گل،
پر وفا جي جنس هت ٿيندي نہ آ.

اجايو سجايو ٿو ٿيندي ڏٺو آ.
۽ پنهنجو پرايو ٿو ٿيندي ڏٺو آ.

ڪمي ڪا نہ، ان جي اچڻ جي گنجائش،
ڪو آيو نہ آيو ٿو ٿيندي ڏٺو آ.

ائين ننڊ واديءَ جي اکين ۾ هلڪو،
ڪوئي سپنو سايو ٿو ٿيندي ڏٺو آ.

ستل آهہ ايڏسي ۾ پر ننڊ ڪانهي،
اندر تاءَ تايو ٿو ٿيندي ڏٺو آ.

رواجن ۽ رسمن جي هن راڄ ۾ گل،
رعايت ۾ رايو ٿو ٿيندي ڏٺو آ.

ياڳ منهنجو نرڙ تنهنجي تي لکيل.
آ چڱو جو لوڪ ڪان آهي لڪيل.

الف ڪان ي تائين هر شيءِ تي ڪپي،
واڪ جي بازار آ هر پل ڪليل.

مانَ ڪان وڏ مانُ مانيءَ کي ملي،
مانُ، ماني جي آ بس ي ۾ پليل.

هڪ طرف ڪان ٻئي طرف پنڌ ڪيترو،
ڪئين پتو پئي ڪير ڪنهن سان مليل.

چو تا هڪ ٻئي کي فريبن ۾ رکو،
راز سارا ئي نہ آهن اڻ سليل.

زندگاني جو سفر باقي اجا،
رستي ۾ ڪيئي چڏي ويا ڳڏ هليل.

سَوَ ڪري سينگار گل سامهون اچي،
چوٽ ڪاڌل پيار ڪان دل آ پليل.

دوستيءَ ۾ اجنبيت بي دلي.
ڪجهه نہ ڪجهه وچ ۾ ٻنهي جي آ وٿي.

منهنجي من مجبورين کي ڪنهن ڏنو!
آبروء تي حرف ايئن ويو هو اچي،

ڪيتريون روڪون هيون ٺوڪون هيون،
زندگي منهنجي هئي ڄڻ ٻين جي.

مون قصو رومانيت جو ڇيڙيو،
هُن شروع ڪئي ڳالهہ ڪائي مذهبي.

ٻول هڪ ٻئي کي نہ سمجهائي سگهيا،
هڪ جي ٻولي ٻي هئي، ۽ ٻئي جي ٻي،

ٻي ارادي منهن مٿي مون جيئن ڪيو.
هڪ دريءَ مان گار ڪا منهن ۾ لڳي.

مان اچي اڄ جاڻ گل ڦاٽو هئس،
شهر جي هر ڪا ڳلي هئي بند ڳلي.

مان اتي آهيان جتي تون وئين ڇڏي،
تون خبر پنهنجي ٻڌاءِ آهين ڪٿي.

دل نہ ٿي ماپي خوشيءَ ۾ شام ڪان،
هُو تہ اچڻو رات آ ٻارهين وڳي.

دير ڪان ڇهرا ڇتائي ٿو ڏسان،
من اهو ڇهرو بہ ڇهرن ۾ هجي.

دل رکي، ڪاٿي رکي پلجي ويس،
هاڻ ڳولا سان نہ ٿي مون ڪان لڀي.

هو تصور ڄام جو ڪينجهر ڪنڌي،
دل هوا جي ٿي هندوري ۾ لڏي.

دل جو ٻيو آ، ذهن جو رايو ٻيو،
ڪنهن جي رايي کي ڀلا راضي ڪجي.

دوست ۾ اميد ڇو رکجي غلط،
جي نہ ٿي پوري تہ دل ڇو ٿي دکي!

ڪا خبر ناهي سياڻي ڇا ٿئي،
جو نہ وس ۾ ان تي ڳل ڇا سوچجي.

حوصلا اڏما گهٽي ماري نہ ڇڏ.
وقت کي ٻئي وقت تي ٽاري نہ ڇڏ.

اڻ سڌو ڇڻ خود ڪشيءَ جو آ عمل،
ريءَ ڇَپُو ٻيڙي دريا ڏاري نہ ڇڏ.

ڇو وساري تو ڇڏيو آ جيت کي!
هار تي هڪدم هنيون هاري نہ ڇڏ.

فيض ريءَ کهڙي ڀلا آ زندگي،
زندگي بي فيض ائين گهاري نہ ڇڏ.

خواب شرمنده ٿين اکيون جهڪن،
ايترو پي پاڻ کي ڪاري نہ ڇڏ.

جنهن کي گل اڇٽو آ، سو ايندو ضرور،
رات ڪان اڱ ۾ ڏيئو ٻاري نہ ڇڏ.

هڪ دفعو ثاني نظر ڪردار تي.
ڪوڙي سچي راءِ جي اظهار تي.

لڄ قلم جي تو ڪان هئي وسري وئي.
راضي ڪئين ٿئين بي لڄي اقرار تي.

شاعري جي انگ ڪي ڏسڻو نہ آ.
صرف رکڻي آ نظر معيار تي.

سر بہ هاءِ ليڪن رسو هڪڙو هئو،
هڪڙي ئي سر ڪي هو چڙهڻو دار تي.

هر ڪائي هوندي مسيحا ڪي خبر،
چا چا گذري آ رهيو بيمار تي.

هفتي جي ان ڏينهن جو آ انتظار،
ڪنهن تہ ايندو يار واعدي وار تي.

جو بہ گل مٿبو نہ مٿجي تو سگهي،
نانءُ لکيل دل جي آ ديوار تي.

ايترو ئي بس ٻڌاءِ في الحال تون.
وقت کھڙي جي ڪرين ٿو ڳالھ تون.

حالتن جي ڏيگھ اوچائي ٻه ڏس،
حد کان وڌ ٿو لڳائين چال تون.

ڄاڻ هوندي ايترو اڻ ڄاڻ ڇو؟
ڇو ٿڏن جو آن ٻٽيو فٽبال تون!؟

جانِ پنھنجي جو سڄو رت ست ڏئي،
پيار ٻئي جي ڪي نه ايڏو پال تون.

صلح ۽ جنگ جو اھو آ فيصلو،
ھڪڙي ھٿ تلوار ٻئي ھٿ ڍال تون.

جيڪو ڪجھ ڪرڻو اٿئي جيئري ئي ڪر،
ڪيترو جيئندين صدي يا سال تون.

موت کان پوءِ ٻيو جنم آھي اگر،
پاڻ گل پنھنجو پريندين خال تون.

ڪٽي وچ تون پنهنجا سيئي خط ڪٽي وچ.
پريت جا پراڻا، نوان بت ڪٽي وچ.

منهنجي آڱرين تي جي اتري ها آيا،
اي پوپٽ! پرن جا سي رنگ ست ڪٽي وچ.

ڏسون پوءِ تہ ڪهڙي ٿو مذهب تي بيهين،
ڪتابن مان سڀ مذهبي تت ڪٽي وچ.

چرڪڙي تي ڪَتيا تو جيڪي بہ ڪت ها،
ڪتڻ واري محنت سندا ڪت ڪٽي وچ.

برن ۾ ۽ جبلن ۾ هيڪل رُلي ٿي،
سسئي کي ۽ سورن کي اي جت! ڪٽي وچ.

رهيو دل جو دل سان نہ ڪو واسطو گل،
رُخن رابطن تان رُڪا هٿ ڪٽي وچ.

ارادو هو سويري ئي سمهڻ جو.
نهي ويو موڊ ”ڊي وي ڊي“ ڏسڻ جو.

ڏنو تنهنجو اڳي چهرو چڙيل آ،
چيو دل تو سان مرڪڻ ۽ کلڻ جو.

رضا هڪ جي رضا ٻڌجي ٻئي جي،
سوال آ دل ڏيڻ ۽ دل وٺڻ جو.

ٻنهي کي سڏ هئو هڪ پارٽِيءَ ۾،
ٻنهي کي موقعو مليو ملڻ جو.

نظر جي تير بابت ان جي دعوا،
ڪوئي هڪ وار پيي ناهي گسڻ جو.

وڃائي چو ائين چڏجي اجايو،
ملي هڪ پل ٻڌائڻ ۽ ٻڌڻ جو.

غزل گل مختلف رنگ ۾ لڳي ٿو،
ويو شايد آ مٿجي ڍنگ لکڻ جو.

نظارو ڪجهه تہ نظرن کان گهري ٿو.
تڏهن نظرن جي چوڌاري ڦري ٿو.

وڃايل وقت جو ورجاءُ ڪهڙو،
هي من نئين وقت جي ڳولا ڪري ٿو.

برائي ۽ ڀلائي ڄاڻندي پڻ،
ڀڏائي کو تہ ماڻهو ڪيئن ڪري ٿو.

اندر انسان جي احساس جو آ،
اهو پل پل جئي پل پل مري ٿو.

آ منهنجي دل، يا ويران گهر آ،
تمنا جو نہ ڪو ڏيئو ٻري ٿو.

ميوزڪ منهنجي ڪمزوري رهي آ،
مڌر آواز من ۾ چنگ چري ٿو.

لڳائيندين ملم دلجاءِ جي گل!
آ لفظن لوڻ ٻرڪيو ڦٿ ڪُري ٿو.

نہ کا ياد آهي نہ کو درد آهي.
گرم دل بہ اڄ ڪلھ صفا سرد آهي.

ڦري جيڪو چؤگرد استاد جي ٿو،
انهيءَ جي آ معنیٰ تہ شاگرد آهي.

هِي مت پيد جو درس ماڻھن ۾ چو آ؟
جو سر آهي پيرن جي سو گرد آهي،

اُتي مينهن جو جيئن آ پھريون نظارو.
ائين قوم ۾ اهم هڪ فرد آهي.

سدائين رکي سر جو اوچو، جئي ٿو،
جھڪيو سر نہ مصلحت اڳيان مرد آهي.

اکين کان ٿي اوجھل ويا دوست ڪيئي،
اسان جي روّين جو ئي رد آهي.

بھار ۽ خزان رُت جو ميلاپ آ گل،
گلابي بدن تي وڳو زرد آهي.

چني تون وئين دوست ناتو پراڻو.
ڪليل پيار جو بند ٽيو ڪاتو پراڻو.

پراڻي نظر سان ڏٺو نئين شهر کي،
نئين شهر کي جڻ مون ڄاتو پراڻو.

سماجي رواجن ۽ رسمن جي بندش،
حياتي جي چؤگرد حاطو پراڻو.

ننڍو بار، پوڙهو مڙئي ڳالهه ساڳي،
وري دؤر ماضي آ پاتو پراڻو.

مون لئہ تنهنجون ڳالهيون ڪتاب آيتون هن،
ٻڌڻ آيتن لئہ من آتو پراڻو.

مون کي تنهنجي فرمائش جيئن ياد آئي،
اهو ئي مون گل گيت ڳاتو پراڻو.